SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريه 2017
# SINDH ACT NO.I OF 2017
# اتحاد يونيورسٽي ايڪٽ، 2017
# THE ETIHAD UNIVERSITY ACT, 2017

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1.مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2.وصفون
Definitions

3.يونيورسٽي
The University

4.يونيورسٽي جا اختيار ۽ ڪم
Powers and Functions of the University

5.يونيورسٽي جا عملدار
Officers of the University

6.سرپرست
Patron

7.چانسيلر
Chancellor

8.وائيس چانسيلر
Vice Chancellor

9.وائيس چانسيلر جا اختيار ۽ ذميداريون

Powers and Duties of Vice Chancellor

10.رجسٽرار

Registrar

11.ڊائريڪٽر فنانس

Director Finance

12.امتحانن جو ڪنٽرولر

Controler of Examinations

13.اٿارٽيز

Authorities

14.بورڊ آف گورنرز

Board of Governors

15.بورڊ جا اختيار ۽ ذميداريون

Powers and Duties of the Board

16.بورڊ جي گڏجاڻي

Meeting of the Board

17.اڪيڊمڪ ڪائونسل

Academic Council

18.اڪيڊمڪ ڪائونسل جا اختيار

Powers of Academic Council

19.قانون

Statutes

20.ضابطا

Regulations

پهريان قانون

(ڈسو دفعہ 18)

First Statutes

(See Section 18)

1.فیکلٹیز

Faculties

2. بورڈ آف فیکلٹي

Board of Faculty

3. ڈینز

Deans

4. بورڈ آف اسٹڈیز

Board of Studies

5. سلیکشن بورڈ

Selection Board

6. پلاننگ کمیٹي

Planning Committee

# سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريه 2017
# SINDH ACT NO.I OF 2017
# اتحاد يونيورسٽي ايڪٽ، 2017
# THE ETIHAD UNIVERSITY ACT, 2017

[15 فيبروري 2017]

ايڪٽ جنهن ذريعي اتحاد يونيورسٽي ڪراچي، قائم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته بي بي فائونڊيشن اتحاد يونيورسٽي قائم ڪرڻ ۽ يونيورسٽي جي قيام، مستقبل جي مرمتي انتظامن ۽ ڪمن لاءِ مڪمل طور فنڊ ڪرڻ جو ارادو ڪيو آهي.

۽ جيئن ته اتحاد يونيورسٽي، ڪراچي جو قيام ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن لاءِ قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي:

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1)هن ايڪٽ کي اتحاد يونيورسٽي ايڪٽ، 2017 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2.هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجهه مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نه هجي، تيستائين:

(a) "اڪيڊمڪ ڪائونسل" مطلب يونيورسٽي جي

اڪيڊمڪ ڪائونسل؛

(b) "اٿارٽي" مطلب يونيورسٽي جي اٿارٽيز مان ڪا به؛

(c) "بورڊ" مطلب يونيورسٽي جو بورڊ آف گورنرز؛

(d) "چانسيلر" مطلب يونيورسٽي جو چانسيلر؛

(e) "ڊين" مطلب فيڪلٽي جو سربراهه؛

(f) "ڊائريڪٽر" مطلب يونيورسٽي جي تدريسي يا انتظامي ڊويزن جو سربراهه؛

(g) "فيڪلٽي" مطلب يونيورسٽي جو تعليمي حصو جنهن ۾ هڪ يا هڪ کان وڌيڪ تدريسي شعبا شامل هجن؛

(h) "صدر" مطلب فائونڊيشن جو صدر؛

(i) "قانون"، "ضابطا" ۽ "قاعدا" مطلب هن ايڪٽ تحت ترتيبوار جوڙيل "قانون، ضابطا ۽ قاعدا؛

(j) "تدريسي شعبو" مطلب يونيورسٽي جو تدريسي شعبو؛

(k) "فائونڊيشن" مطلب 1860 جي سوسائٽيز رجسٽريشن ايڪٽ XXI تحت 2016_2017 جي رجسٽريشن نمبر KAR No.093 رڪنڊڙ برگيڊيئر (رٽائرڊ) بشير فائونڊيشن؛

(l) "وائيس چانسيلر" مطلب يونيورسٽي جو سربراهه؛

يونيورسٽي
The University

3.(1) هڪ يونيورسٽي قائم ڪئي ويندي، جنهن کي اتحاد يونيورسٽي سڏيو ويندو. جيڪا مشتمل هوندي چانسيلر، بورڊ آف گورنرز، وائيس چانسيلر، رجسٽرار، ڊينز، تدريسي شعبي جو سربراهه، اڪيڊمڪ ڪائونسل جا ميمبرز ۽ ٻيا

اهڙا عملدار جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2)يونيورسٽي ٻنهي قسم جي متحرڪ ۽ غير متحرڪ ملڪيت حاصل ڪرڻ ۽ رکڻ لاءِ مجاز هوندي، جيڪا ليز تي ڏئي، وڪرو ڪري، پاڙي تي ڏئي يا ٻي صورت ۾ ڪا متحرڪ يا غير متحرڪ ملڪيت منتقل ڪري سگهندي، جيڪا ان ۾ شامل هجي يا ان طرفان حاصل ڪئي وئي هجي.

(3)يونيورسٽي پاڪستان ۾ ڪٿي ٻه ڪيمپس يا ڪيمپسز قائم ڪرڻ لاءِ اپاءَ وٺندي.

يونيورسٽي جا اختيار ۽ ڪم
Powers and Functions of the University

4.يونيوسٽي خودمختيار بادي هوندي ۽ ان کي اختيار هوندا ته:

(a)سکيا جي اهڙين شاخن ۾ معلومات فراهم ڪرڻ، جيئن اها مناسب سمجهي ۽ ڄاڻي جي واڌاري ۽ ترقي لاءِ گنجائش جوڙڻ، جيئن اها طئي ڪري؛
(b)پنهنجو الحاق ڪري يا ٻين ادارن سان جوڙي ۽ تعليم ۾ حصو وٺڻ لاءِ پنهنجا ڪم ۽ ذميداريون نيائڻ لاءِ فيڪلٽيز ۽ تدريسي شعبا قائم ڪري؛
(c)پڙهائي جا ڪورسز ۽ نصاب بيان ڪري؛
(d)داخلا ڏيڻ ۽ امتحان ڪرائڻ ۽ ڊگريز، ڊپلوماز ۽ ٻيا تعليمي اعزاز اهڙن ماڻهن کي ڏيڻ جيڪي داخل ٿيا هجن ۽ بيان ڪيل شرطن موجب امتحان پاس ڪيا هجن؛
(e)منظور ٿيل ماڻهن کي اعزازي ڊگريز ۽ ٻيا اعزاز ڏيڻ،

اهڙي طريقي جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛

(f) فيڪلٽيز، تدريسي شعبا، تحقيقي ادارا ۽ ٻيا سڪيا جا مرڪز ڪنهن هڪ يا سمورين سڪيا جي شاخن ۾ قائم ڪرڻ ۽ تعليم، پيشيوراڻي تربيت ۽ تحقيق لاءِ ٻيون سهولتون فراهم ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ؛

(g) يونيورسٽي پروفيسرشپ، ايسوسيئيٽ پروفيسرشپ، اسسٽنٽ پروفيسرشپ ۽ ليڪچرر شپ، ۽ ٻيا ڪي عهدا ۽ ان سلسلي ۾ ماڻهن کي مقرر ڪرڻ؛

(h) اهڙيون فيس ۽ ٻيون چارجز طلب ڪرڻ ۽ حاصل ڪرڻ، جيئن اها طئي ڪري؛

(i) منتقل ڪيل ملڪيت ۽ گرانٽس، وقف، ٽرسٽس، تحفا، عطيا، چندا ۽ يونيورسٽي کي ڪيل ٻيا ڪنٽريبيوشنز حاصل ڪرڻ ۽ سنڀالڻ ۽ ڪي فنڊز اهڙي ملڪيت، گرانٽس، وقف، ٽرسٽس، تحفن، چندن يا ڊونيشنز مان سيڙائڻ اهڙيءَ ريت جيئن اها مناسب سمجهي؛

(j) تعليمي ۽ انتظامي سرگرمين لاءِ مختلف باڊيز ۽ ڪميٽيز جا ميمبرز مقرر ڪرڻ، جيئن بورڊ طئي ڪري؛

(k) اهڙا عملدار ۽ عملو مقرر ڪرڻ ۽ اهڙن عملدارن ۽ عملي جا شرط ۽ ضابطا ۽ اختيار ۽ ذميداريون بيان ڪرڻ؛

(l) اهڙا سمورا قدم کڻڻ ۽ شيون ڪرڻ، جيڪي وڏيڪ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري هجن.

**يونيورسٽي جا عملدار**
**Officers of the University**

5.يونيورسٽي جا هيٺيان عملدار هوندا، جيڪي فائونڊيشن طرفان اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت مقرر ڪيا ويندا، جيئن فائونڊيشن مناسب سمجهي ۽ اهڙا عهدا تيستائين رکي سگهندا، جيستائين فائونڊيشن جي مرضي هجي:

(a) چانسيلر؛
(b)وائيس چانسيلر؛
(c)ڊينز؛
(d)ڊپارٽمينٽس جا سربراهه؛
(e)رجسٽرار؛
(f) ماليات جو ڊائريڪٽر؛
(g)امتحانن جو ڪنٽرولر؛
(h)لائبريرين؛ ۽
(i) اهڙا ٻيا ماڻهو جيڪي ضابطن موجب عملدار طور بيان ڪيا ويا هجن.

**سرپرست**
**Patron**

6.(1) سنڌ جو گورنر يونيورسٽي جو سرپرست هوندو.

(2) سرپرست، جڏهن موجود هوندو، يونيورسٽي جي ڪانووڪيشن جي صدارت ڪندو.

**چانسيلر**
**Chancellor**

7. چانسيلر فائونڊيشن جو صدر آهي (يا سندس نامزد ڪيل) ۽ بورڊ آف گورنرز جي صدارت ڪندو. چانسيلر يونيورسٽي جي ڪانووڪيشن جي صدارت ڪندو.

**وائيس چانسيلر**
**Vice Chancellor**

8.وائيس چانسيلر يونيورسٽي جو آپريشن سربراهه آهي ۽ چانسيلر طرفان ٽن سالن جي عرصي لاءِ اهڙين شرطن ۽

ضابطن تحت مقرر ڪيو ويندو. جيئن اهو طئي ڪري.

**وائيس چانسيلر جا اختيار ۽ ذميداريون**
**Powers and Duties of Vice Chancellor**

9.(1) وائيس چانسيلر يونيورسٽي جو مک ايگزيڪيوٽو ۽ تعليمي آفيسر هوندو ۽ هن ايڪٽ جي گنجائشن، قانونن، ضابطن ۽ قاعدن جي عملدرآمد ۽ يونيورسٽي جي حڪمت عملين ۽ پروگرامز تي عملدرآمد لاءِ ذميوار هوندو.

(2) چانسيلر جي غير موجودگيءَ ۾ وائيس چانسيلر اٿارٽيز جي گڏجاڻين جي صدارت ڪندو. جن جي صدارت چانسيلر ڪي ڪرڻي هئي.

(3) وائيس چانسلر کي اهي اختيار پڻ حاصل هوندا ته اهڙيون عارضي آساميون پيدا ڪرڻ ۽ پرتي ڪرڻ، جن جو مدو ڇهه مهينن کان وڌيڪ نه هجي؛ منظور ٿيل بجيٽ ۾ فراهم ڪيل سموري خرچ جي منظوري ڏيڻ ۽ خرچ جي ساڳين مکيه مدن ۾ فنڊ جي ڦير گهير ڪرڻ؛ غير متوقع ڪم لاءِ رقم منظور ڪرڻ جيڪا پنجاهه هزار رپين کان وڌيڪ نه هجي يا ٻيهر ترتيب ڏيڻ، جيڪو بجيٽ ۾ نه ڄاڻايو ويو هجي ۽ ان بابت بورڊ جي ايندڙ گڏجاڻيءَ ۾ رپورٽ ڪرڻ؛ پيپرس، گريڊز ۽ نتيجن جي سڪيورٽي لاءِ اهڙا انتظام ڪرڻ جيئن ضروري هجن؛ يونيورسٽي جي استادن، عملدارن ۽ ٻين ملازمن کي پڙهائي، تحقيق، امتحانن ۽ انتظامن ۽ يونيورسٽي جي اهڙن ٻين معاملن جي سلسلي ۾ اهڙا ڪم ڪرائڻ جي هدايت ڪرڻ، جيڪي اهو يونيورسٽي جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري سمجهي ۽ اهڙا ٻيا ڪم اختيار استعمال ڪرڻ ۽ ڪم سرانجام ڏيڻ جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛

**رجسٽرار**
**Registrar**

10.(1) رجسٽرار يونيورسٽي جو ڪل وقتي عملدار هوندو ۽ فائونڊيشن طرفان اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت مقرر ڪيو ويندو جيئن فائونڊيشن طئي ڪري.

(2)رجسٽرار کي قانونن، ضابطن ۽ قاعدن موجب تعليمي، انتظامي ۽ تحقيقي پروگرامز جي سموري ذميداري سميت يونيورسٽي جي چيف اڪيڊمڪ ۽ ايڊمنسٽريٽو آفيسر جا اختيار حاصل هوندا. يونيورسٽي جي عام مهر ۽ تعليمي رڪارڊز جو سنڀاليندڙ هوندو، اهڙيون ٻيون ذميداريون سرانجام ڏيندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

**ڊائريڪٽر فنانس**
**Director Finance**

11. ماليات جو ڊائريڪٽر ڪل وقتي هوندو، جيڪو فائونڊيشن طرفان اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت مقرر ڪيو ويندو جيئن اها طئي ڪري. ڊائريڪٽر فنانس يونيورسٽي جي ملڪيت، ماليات ۽ سيڙپڪارين کي سنڀاليندو، يونيورسٽي جي سالياني ۽ نظرثاني ٿيل ڪاٿا تيار ڪندو ۽ انهن کي ماليات ڪميٽي ۽ بورڊ جي سامهون پيش ڪندو، اهڙيون ٻيون ذميداريون سرانجام ڏيندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

**امتحانن جو ڪنٽرولر**
**Controler of Examinations**

12. امتحانن جو ڪنٽرولر يونيورسٽي جو ڪل وقتي عملدار هوندو ۽ امتحانن منعقد ڪرائڻ سان لاڳاپيل سمورن معاملن لاءِ ذميدار هوندو ۽ اهڙيون ٻيون ذميداريون سرانجام ڏيندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

**اٿارٽيز**
**Authorities**

13.يونيورسٽي جون هيٺيون اٿارٽيز هونديون:

(a) بورڊ آف گورنرز؛

(b)اڪيڊمڪ ڪائونسل؛

(c)بورڊ آف فيڪلٽيز؛

(d)بورڊ آف اسٽڊيز؛
(e)سليڪشن بورڊ؛
(f) ماليات ۽ منصوبابندي ڪميٽي؛
اهڙيون ٻيون اٿارٽيز جيڪي قانونن موجب بيان ڪيون ويون هجن ۽ فائونڊيشن طرفان منظور ڪيون ويون هجن.

بورڊ آف گورنرز
Board of Governors

14.(1) بورڊ آف گورنرز هيٺين تي مشتمل هوندو:
(i) چانسيلر، جيڪو چيئرمين هوندو؛
(ii)وائيس چانسيلر؛
(iii)صوبائي اسيمبلي سنڌ جا ٻه ميمبرز جيڪي صوبائي اسيمبلي سنڌ جي اسپيڪر طرفان نامزد ڪيا ويندا؛
(iv)چيئرمين هائير ايجوڪيشن ڪميشن يا سندس نامزد ڪيل؛
(v)سنڌ حڪومت جي تعليم کاتي جو سيڪريٽري يا سندس نامزد ڪيل؛
(vi)سنڌ هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس يا سندس نامزد ڪيل؛
(vii)ٻه ڊينز؛
(viii)بهترين ميرٽ رڪنڊڙ تي ميمبرز چانسيلر طرفان وائيس چانسيلر جي سفارش تي نامزد ڪيا ويندا؛
(ix)رجسٽرار جيڪو بورڊ جي سيڪريٽري طور ڪم ڪندو.
(2) ايڪس آفيشو ميمبرز کانسواءِ بورڊ جا ميمبرز ٽن سالن جي عرصي لاءِ عهدو رکي سگهندا ۽ ٻيهر نامزدگي لاءِ اهل هوندا.

| | |
|---|---|
| 15.(1) بورڊ يونيورسٽي جي ايگزيڪيوٽو باڊي هوندو ۽ ان کي هن ايڪٽ جي گنجائشن، قانونن موجب يونيورسٽي جي سمورن معاملن جي عام نگراني ۽ انتظام حاصل هوندا. | بورڊ جا اختيار ۽ ذميداريون<br>Powers and Duties of the Board |
| (2)مٿي ڄاڻايل اختيارن سان تضاد ڪانسواءِ ۽ هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ قانونن موجب بورڊ کي ملڪيت ۽ يونيورسٽي جا فنڊز رکڻ، ضابطو رکڻ ۽ سنڀالڻ جا اختيار هوندو، ماليات ۽ منصوبابندي ڪميٽيز جي مشوري موجب يونيورسٽي جا ماليات، اڪائونٽس ۽سيڙپڪاريون سنڀاليندو ۽ هلائيندو ۽ يا ان مقصد لاءِ اهڙا ايجنٽ مقرر ڪندو، جيئن مناسب سمجهي، ساليانا ۽ نظرثاني ٿيل بجيٽ ڪاٿن تي غور ڪندو ۽ ان سلسلي ۾ فائونڊيشن کي مشورو ڏيندو ۽ خرچ جي هڪ ميجر هيڊ مان ٻئي ۾ فنڊز ڦيرڦار ترتيب ڏيڻ، جيڪي مخصوص مقصدن لاءِ يونيورسٽي جي نيڪال لاءِ رکيل هجن؛ يونيورسٽي جي ڪم کي جاري رکڻ جي مقصد لاءِ عمارتون، لائبريريز احاطا، فرنيچر، اوزار، سامان ۽ ٻيون ضروري شيون مهيا ڪرڻ. | |
| 16.(1) بورڊ سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻه ڀيرا گڏجاڻي ڪندو، اهڙين تاريخن تي جيڪي وائيس چانسيلر طرفان طئي ڪيون وينديون، بشرطيڪ خاص گڏجاڻي ڪنهن به وقت تي چانسيلر جي هدايت تي يا بورڊ جي گهٽ ۾ گهٽ چار ميمبرن جي درخواست تي هنگامي قسم جي معاملن تي غور لاءِ ڪوٺائي ويندي. | بورڊ جي گڏجاڻي<br>Meeting of the Board |
| (2) بورڊ جي گڏجاڻيءَ لاءِ ڪورم ڪل ميمبرن جي اڌ برابر هوندو جنهن جي نسبت هڪ برابر ڳڻي ويندي. | |
| 17.(1) اڪيڊمڪ ڪائونسل مشتمل هوندي: | اڪيڊمڪ ڪائونسل |

| | |
|---|---|
| (i) وائيس چانسلر جيڪو سربراهه هوندو؛<br>(ii)ڊينز؛<br>(iii)ڊائريڪٽرز؛<br>(iv)نالي وارن ۽ مشهور پروفيسرز سميت يونيورسٽي پروفيسرز؛<br>(v)عالمي سطح تي سندن ساک حوالي سان ڇاتل پنج نامور ماڻهو جيڪي معاشري ۾ خدمت يا شعبي ۾ ليڊرشپ لاءِ مشهور هجن، چانسيلر طرفان وائيس چانسيلر جي سفارش تي نامزد ڪيا ويندا؛<br>(vi)امتحانن جو ڪنٽرولر؛<br>(vii)لائبريرين؛<br>(viii)رجسٽرار، جيڪو سيڪريٽري طور ڪم ڪندو.<br>(2) اڪيڊمڪ ڪائونسل جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ڪل ميمبرن جي هڪ پاڱي تي برابر هوندو، جنهن جي نسبت هڪ برابر ڳڻي ويندي. | Academic Council |
| 18.(1) اڪيڊمڪ ڪائونسل يونيورسٽي جي اڪيڊمڪ باڊي هوندي، ۽ هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ قانونن موجب، جي تدريس، اسڪالر شپ، تحقيق ۽ امتحانن جي خاص معيارن موجب رکڻ، ۽ هلائڻ ۽ يونيورسٽي جي تدريسي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ جو اختيار حاصل هوندو.<br>(2) خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل گنجائشن جي عام حيثيت سان تضاد کانسواءِ، ڪائونسل کي اختيار حاصل هوندا ته بورڊ کي تعليمي معاملن ۾ صلاح ڏئي؛ شاگردن کي پڙهائي جي ڪورسز ۽ امتحانن ۾ ويهڻ لاءِ داخلا جو انتظام ڪري؛ بورڊ کي فيڪلٽيز، تدريسي شعبن، ادارن ۽ بورڊ آف | اڪيڊمڪ ڪائونسل جا اختيار<br>Powers of Academic Council |

استڊيز جي جوڙجڪ ۽ تنظيم سازي لاءِ اسڪيمون آڇي؛ يونيورسٽي ۾ تدريس ۽ تحقيق جي منصوبابندي ۽ ترقي لاءِ تجويزن تي غور ڪرڻ ۽ تجويزون جوڙي؛ بورڊ آف فيڪلٽيز ۽ بورڊ آف اسٽڊيز جي سفارشن تي ضابطا جوڙڻ، جنهن ۾ پڙهائي جا ڪورسز ۽ يونيورسٽي جي سمورن امتحانن لاءِ نصاب بہ هوندو؛ بشرطيڪ جيڪڏهن بورڊس آف فيڪلٽيز ۽ بورڊس آف اسٽڊيز جون سفارشون ڄاڻايل تاريخ تائين وصول نہ ٿيون ٿين، اڪيڊمڪ ڪائونسل، بورڊ جي منظوري سان، ايندڙ سال لاءِ پڙهائي جا ڪورس جاري رکندي جيڪي اڳواٽ امتحانن لاءِ بيان ڪيا ويا آهن؛ ٻين يونيورسٽيز ۽ امتحاني باڊيز جي امتحانن کي يونيورسٽي جي امتحانن برابر توثيق ڪرڻ؛ بورڊ کي جمع ڪرائڻ لاءِ ضابطا جوڙڻ؛ هن ايڪٽ جي گنجائشن تحت مختلف اٿارٽيز ۾ ميمبر مقرر ڪرڻ؛ ۽ اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيئن قانونن ۾ بيان ڪيا ويا هجن.

قانون
Statutes

19. (1) هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب، هيٺ بيان ڪيل سمورن معاملن يا انهن مان ڪنهن هڪ لاءِ اسٽيچوٽس جوڙي سگهجن ٿا:

(i) يونيورسٽي جي عملدار، استادن ۽ ٻين ملازمن جي ملازمت جا پي اسڪيل ۽ ٻيا شرط ۽ ضابطا بشمول يونيورسٽي جي ملازمن جي پينشن، انشورنس، گريچوئٽي، پروويڊنٽ فنڊ ۽ بينيوولينٽ فنڊ جي جوڙجڪ جي؛

(ii)استادن، محقيقن ۽ عملدارن جي ڪانٽريڪچوئل مقرري جا شرط ۽ ضابطا؛

(iii)فيڪلٽيز، تدريسي شعبن ۽ ٻين اڪيڊمڪ يونٽس ۽ ڊويزنس جو قيام؛

(iv)تعليمي ادارن جو الحاق ۽ الحاق ختم ڪرڻ ۽ لاڳاپيل معاملا؛

(v)عملدارن ۽ استادن جا اختيار ۽ ذميواريون؛

(vi)شرط جن تحت يونيورسٽي ٻين ادارن يا پبلڪ باڊيز سان تحقيق ۽ صلاحڪاري خدمتن جي انتظامن ۾ داخل ٿي سگهي ٿي؛

(vii)اميريٽس پروفيسرز ۽ نامور پروفيسرز جي مقرري جا شرط؛

(viii)اعزازي ڊگريون ڏيڻ؛

(ix)صلاحيت جي ڪاٿي لاءِ معيار ۽ يونيورسٽي جي ملازمن خلاف انتظامي قدم کڻڻ؛

(x)ملڪيتن جو حاصل ڪرڻ ۽ انتظام ۽ يونيورسٽي جون سيڙپڪاريون؛ ۽

(xi)هن ايڪٽ تحت ٻيا سمورا معاملا جيڪي قانونن موجب بيان ڪرڻا يا هلائڻا آهن.

(2) بورڊ قانونن جو ڊرافٽ منظوري لاءِ چانسيلر کي پيش ڪندو، جيڪو تجويزن تي ٻيهر غور ڪرڻ لاءِ بورڊ ڏانهن واپس اماڻي سگهي ٿو.

(3) چانسيلر کي منظوري لاءِ اماڻيل قانونن کي منظور ڪرڻ جا اختيار حاصل هوندا.

ضابطا
Regulations

20. (1) هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ قانون موجب هيٺين سمورن يا انهن مان ڪن معاملن لاءِ ضابطا جوڙيا ويندا، يعني:

(i) يونيورسٽي جي ڊگرين، ڊپلوماز ۽ سرٽيفڪيٽن لاءِ ڪورسز آف اسٽڊيز؛

(ii) يونيورسٽي ۾ شاگردن جي داخلا؛

(iii) شرط جن تحت شاگردن کي يونيورسٽي جي ڪورسز ۽ امتحانن لاءِ داخلا ڏني ويندي ۽ جيڪي ڊگرين، ڊپلوماز ۽ سرٽيفڪيٽن لاءِ اهل ٿيندا؛

(iv) امتحان منعقد ڪرڻ؛

(v) يونيورسٽي جي مختلف ڪورسز ۽ امتحانن ۾ داخلا لاءِ فيس ۽ ٻيون چارجز جيڪي شاگردن پاران ادا ڪيون وينديون؛

(vi) يونيورسٽي جي شاگردن جو نظم و ضبط؛

(vii) يونيورسٽي يا ڪاليجن جي شاگردن جي رهائش جا شرط، بشمول رهائش جي هالس ۽ هاسٽلس ۾ رهائش لاءِ فيس لڳائڻ جي؛

(viii) هاسٽلس ۽ لاجنگس جي منظوري ۽ لائسنس ڏيڻ؛

(ix) شرط جن تحت ڪو شخص ڊگري حاصل ڪرڻ لاءِ آزاداڻي تحقيق جاري رکي سگهي ٿو؛

(x) فيلوشپس، اسڪالر شپس، ايگزيبيشنز، ميڊلز ۽ انعام ڏيڻ؛

(xi) وظيفا ۽ فري ۽ هاف فري اسٽوڊنٽ شپس ڏيڻ؛

(xii) اڪيڊمڪ ڪاسٽيوم؛

(xiii) لائبريري جو استعمال؛

(xiv) تدريسي شعبن ۽ بورڊس آف اسٽڊيز جي جوڙجڪ ۽

(xv)ٻيا سمورا معاملا جيڪي هن ايڪٽ، يا قانونن ذريعي يا ضابطن موجب بيان ٿيل آهن.

(2) ضابطا اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان جوڙيا ويندا ۽ منظوري لاءِ بورڊ کي پيش ڪيا ويندا، جيڪو جمع ڪرايل ضابطا منظور ڪري يا منظوري روڪي يا ٻيهر غور ڪرڻ لاءِ اڪيڊمڪ ڪائونسل کي واپس اماڻي سگهي ٿو.

(3) اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان جوڙيل ڪو به ضابطو تيستائين موثر نہ هوندو جيستائين ان جي بورڊ طرفان منظوري نہ ڏني وڃي.

پهريان قانون
(ڏسو دفعہ 18)
First Statutes
(See Section 18)

**پهريان قانون**

**(ڏسو دفعہ 18)**

**First Statutes**

**(See Section 18)**

فيڪلٽيز
Faculties

1.(1) يونيورسٽي کي هيٺيون فيڪلٽيز هونديون:

(i) بزنس ۽ مئنيجمينٽ سائنسز جي فيڪلٽي؛
(ii)انجنيئرنگ، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي فيڪلٽي؛
(iii)سائنسز جي فيڪلٽي؛
(iv)هوٽل ۽ ٽوئرزم مئنيجمينٽ جي فيڪلٽي؛
(v)هيلٿ ۽ ميڊيڪل سائنسز جي فيڪلٽي؛
(vi) آرٽس جي فيڪلٽي؛
(vii)پرفارمنگ آرٽس جي فيڪلٽي؛
(viii)قانون جي فيڪلٽي؛
(ix)ميڊيا سائنسز جي فيڪلٽي؛
(x)فارميسي جي فيڪلٽي؛

(xi)فيشن ڊزائيننگ جي فيڪلٽي؛

(xii)تعليم، هيومنٽيز ۽ سوشل سائنسز جي فيڪلٽي؛

(xiii)ماس ڪميونيڪيشن جي فيڪلٽي؛

(xiv)متبادل توانائي جي فيڪلٽي؛

(xv)ٻي ڪا فيڪلٽي جيڪا قانونن موجب بيان ڪئي وئي هجي.

(2) اسلامڪ ايجوڪيشن ۽ پاڪستان اسٽڊيز مسلمان شاگردن لاءِ لازمي هوندا ۽ غير مسلمانن کي سمورين فيڪلٽيز ۾ اخلاقيات ۽ پاڪستان اسٽڊيز جا مضمون آپشن طور آڇيا ويندا.

(3) هر فيڪلٽي ۾ اهڙو ادارو، تدريسي شعبو مرڪز يا ٻيا تدريسي ۽ تحقيقي يونٽس هوندا، جيئن قانونن موجب بيان ڪيو ويو هجي.

بورڊ آف فيڪلٽي
Board of Faculty

2. هر فيڪلٽي جو هڪ بورڊ هوندو، جيڪو مشتمل هوندو:

(i) لاڳاپيل فيڪلٽي جو ڊين چيئرمين هوندو؛

(ii)لاڳاپيل شعبي جو چيئرمين؛

(iii)يونيورسٽي پروفيسرز، بشمول ناميارن ۽ منفرد پروفيسرز جي، ايسوسيئيٽ پروفيسرز، تي استاد اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان انهن جي مضمون ۾ مهارتي ڄاڻ بنياد تي نامزد ڪيا ويندا.

ڊينز
Deans

3.(1) هر فيڪلٽي جو هڪ ڊين هوندو جيڪو بورڊ آف فيڪلٽي جو چيئرمين ۽ ڪنوينر هوندو.

(2)هر فيڪلٽي جو ڊين چانسيلر طرفان وائيس چانسيلر جي سفارشن تي فيڪلٽي ۾ موجوده سڀ کان سينئر پروفيسرز منجهان ٽن سالن جي عرصي لاءِ مقرر ڪيو

ويندو ۽ اهو هڪ وڌيڪ مدي لاءِ اهل هوندو.

(3) ڏين اهڙا اختيار استعمال ڪندو ۽ اهڙيون ذميواريون سرانجام ڏيندو، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

بورڊ آف اسٽڊيز
Board of Studies

4.هر مضمون يا مضمونن جي گروپ لاءِ الڳ بورڊ آف اسٽڊيز هوندو، جيئن ضابطن موجب بيان ڪيو ويو هجي.

(i) لاڳاپيل شعبي جو سربراهه چيئرمين هوندو.

(ii) لاڳاپيل تدريسي شعبي ۾ سمورا پروفيسرز ۽ ايسوسيئيٽ پروفيسرز. پروفيسرز ۽ ايسوسيئيٽ پروفيسرز کانسواءِ ٻه يونيورسٽي استاد اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان مقرر ڪيا ويندا. ٽي ماهر سواءِ يونيورسٽي استادن جي وائيس چانسيلر طرفان مقرر ڪيا ويندا.

سليڪشن بورڊ
Selection Board

5.هڪ سليڪشن بورڊ هوندو، جيڪو مشتمل هوندو:

(i) وائيس چانسيلر جيڪو چيئرمين هوندو؛

(ii) بورڊ جو هڪ ميمبر ۽ ٻه نامور شخص بورڊ طرفان نامزد ڪيا ويندا؛ بشرطيڪ انهن مان ڪو ٻه يونيورسٽي جو ملازم نه هوندو؛ لاڳاپيل فيڪلٽي جو ڊين، لاڳاپيل تدريسي شعبي جو چيئرمين ۽ هڪ شخص فائونڊيشن طرفان نامزد ڪيا ويندا. رجسٽرار جيڪو سيڪريٽري طور ڪم ڪندو.

پلاننگ ڪميٽي
Planning Committee

6.(1) ماليات ۽ منصوبابندي ڪميٽي هوندي، جيڪا مشتمل هوندي:

(i) وائيس چانسيلر؛

(ii) بورڊ آف گورنرز جو نامزد ڪيل هڪ ميمبر؛

(iii) فائونڊيشن طرفان نامزد ڪيل ٻه ميمبر؛

(iv)ڊائريڪٽر ماليات سيڪريٽري طور ڪم ڪندو.

(2) ماليات ۽ منصوبابندي ڪميٽي جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم چار ميمبرز تي مشتمل هوندو.

**نوٽ:ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**